# نيڪ بڻجڻ جو نسخو




- وڏو نانگ 1
- ڪهڙو عمل وڌيڪ افضل؟ 15
- پٽ جي موت تي مُرڪڻ 8
- تعزيت جا 16 مدني گل 20


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

**مُحَمَّد الياس عطّار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه




شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتهم العَاليه

جن جو اُردو زبان ۾ رسالو

# نيڪ ٻڻجڻ جو نسخو

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار ٻڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# نيڪ بڻجڻ جو نسخو*

غالبًا اوهان کي شيطان هي رسالو پورو پڙهڻ نه ڏيندو پر ڪوشش ڪري پورو پڙهي شيطان جي وار کي ناڪام بڻايو .

## درود شريف جي فضيلت

هڪ شخص خواب ۾ هڪ خوفناڪ بلا ڏٺي، گهبرائجي پڇيائين ته تون ڪير آهين؟ بلا جواب ڏنو: مان تنهنجا بُرا عمل آهيان. پُڇيائين: توکان ڇوٽڪاري جي ڪهڙي صورت آهي؟ جواب مليو: درود شريف جي ڪثرت. (القول البديع ص 255)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان معلوم ٿيو ته درود شريف جي ڪثرت **نيڪ بڻجڻ جو نسخو** آهي. اي ڪاش! اسان اٿندي ويهندي گهمندي ڦرندي هر وقت درود و سلام پڙهندا رهون.

تُربت میں ہوگی دید رسولِ اَنام کی
عادت بنا رہا ہوں دُرُود و سلام کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وڏو نانگ

حضرت سيّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار ڪان ڪنهن سندن

---

* هي بيان امير اهلسنت تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ٽن ڏينهن جي اجتماع (2،3،4 رجب المرجب 1419 هه مدينة الاولياء ملتان) ۾ فرمايو. ضروري ترميم سان تحريري طور تي خدمت ۾ حاضر آهي. مجلس مڪتبة المدينه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

توبهہ جو سبب پُڇيو، تہ فرمايائون: مان پوليس کاتي ۾ سپاهي هئس، گناهن جو عادي ۽ وڏو شرابي هئس. منهنجي هڪ ئي نياڻي هئي، جنهن سان مون کي تمام گهڻي محبت هئي، اها ٻن سالن جي عمر ۾ گذاري وئي، مان غم ۾ بي حال ٿي ويس. ان ئي سال جڏهن شبِ بَراءَت (يعني 15 شعبان جي رات) آئي، مون عشاء جي نماز نہ پڙهي هئي ۽ گهڻو شراب پيتو تہ نشي ۾ ئي مون کي ننڊ اچي وئي. مان خواب جي دنيا ۾ پهچي ويس، ڇا ٿو ڏسان تہ محشر قائم آهي، مُڙدا پنهنجي پنهنجي قبرن مان اٿي گڏ ٿي رهيا آهن، ايتري ۾ مون کي پنهنجي پويان سَرڙاٽ محسوس ٿيو، پوئتي مُڙي جو ڏٺو تہ هڪ وڏو نانگ وات کولي مون تي حملو ڪرڻ وارو هو. مان گهٻرائجي ڀَڄڻ لڳس تہ نانگ بہ منهنجي پويان ڊوڙڻ لڳو. ايتري ۾ هڪ نوراني شڪل واري ڪمزور بزرگ تي منهنجي نظر پئي مون کين فرياد ڪئي، انهن فرمايو: ”مان تمام گهڻو ڪمزور آهيان اوهان جي مدد نٿو ڪري سگهان.“ مان وري تيزيءَ سان ڀَڄڻ لڳس، نانگ بہ مسلسل منهنجي پويان هو، ڀَڄندي ڀَڄندي مان هڪ ٽڪريءَ تي چڙهي ويس، ٽڪريءَ جي ٻئي پاسي خوفناڪ باهہ ٻَري رهي هئي ۽ ڪيترائي ماڻهو ان ۾ سڙي رهيا هئا، مان بہ ان ۾ ڪِرڻ وارو ئي هوس تہ آواز آيو: ”پوئتي هٽي وڃ تون هن باهہ جي لاءِ ناهين.“ مون پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو ۽ اتان موٽي وري ڊوڙڻ لڳس ۽ نانگ بہ منهنجي پويان ئي هو، اهي ڪمزور بزرگ وري مون کي مليا ۽ روئي چوڻ لڳا: ”افسوس! مان تمام گهڻو ڪمزور آهيان، اوهان جي مدد نٿو ڪري سگهان، هو ڏس سامهون جيڪو **ٽول جبل** آهي اتي

مسلمانن جون ”امانتون“ آهن، اتي وڃو جيڪڏهن اتي اوهان جي به ڪا امانت هوندي ته اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ چوٽڪاري جي ڪا صورت نڪري ايندي. ”مان گول جبل تي پهتس، اتي دريون نهيل هيون ۽ درين تي ريشمي پردا لٽڪي رهيا هئا، جڏهن ته دروازا **سون** جا هئا ۽ انهن ۾ **موتي** جڙيل هئا. فرشتا اعلان فرمائڻ لڳا: ”پردا هٽايو دروازا کولي ڇڏيو، شايد هن پريشان حال جي ڪا امانت هتي موجود هجي، جيڪا انهي کي نانگ کان بچائي. دريون کُلي ويون ۽ ڪيترائي مدني مُنا چنڊ جهڙا چهرا چمڪائيندي جهاتيون پائڻ لڳا، انهن ۾ ئي منهنجي فوت ٿيل ٻن سالن جي ڌيءَ به هئي. مون کي ڏسي روئي ۽ رڙيون ڪري چوڻ لڳي: ”خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هي ته منهنجو پيءُ آهي.“ پوءِ وڏو ٽپو ڏئي مون وٽ اچي پهتي ۽ پنهنجي کاٻي هٿ سان منهنجو ساڄو هٿ پڪڙيائين. اهو ڏسي اهو وڏو نانگ ڀڄي پاسي ڏانهن وڃي پَڳو، پوءِ مون ۾ ڪجهه ساهه پيو. منهنجي مدني مُنّي منهنجي هنج ۾ ويهي رهي ۽ سڄي هٿ سان منهنجي ڏاڙهيءَ کي ناهيندي قرآن پاڪ جي ستاويهين سيپاري جي سُوْرَةُ الْحَدِيْد جي آيت 16 جو هي حصو تلاوت ڪرڻ لڳي:

اَلَمْ يَاْنِ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ وَمَا نَزَلَ مِنَ الْحَقِّ ۙ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ڇا ايمان وارن جي واسطي اڃان اهو وقت نه آيو جو انهن جون دليون جُهڪي وڃن الله جي ياد ۽ ان حق (يعني قرآن پاڪ) جي واسطي جيڪو لٿو.

مان پنهنجي مدني مُنّيءَ کان اها آيت سڳوري ٻُڌي روئي ڏنو. مون پُڇيو: ڌيءَ اهو **وڏو نانگ** ڪهڙي مصيبت هئي؟ چيائين: ”اهي اوهان جا بُرا عمل هئا جن کي اوهان وڌائيندا پيا وڃو. **وڏي**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

**نانڪ** جهڙا بُرا عمل اوهان کي جهنّم ۾ پهچائڻ لاءِ اوهان جي پويان لڳل آهن.“ مون پڇيو تہ اهي **ڪمزور بزرگ** ڪير هئا؟ تہ چيائين: ”اهي اوهان جون نيڪيون هيون جيئن تہ اوهان نيڪ عمل تمام گهٽ ڪندا آهيو، ان جي لاءِ اهي تمام ڪمزور آهن ۽ اوهان جي بُراين جو مقابلو ڪرڻ کان بي وس.“ مون پُڇيو تہ ”تون هتي جبل تي ڇا ٿي ڪرين؟“ چيائين تہ ”مسلمانن جا فوت ٿيل ٻار هتي رهي قيامت جو انتظار ڪندا آهن، اسان کي پنهنجي پيءُ ماءُ جو انتظار آهي تہ جيئن اهي اچن ۽ اسان انهن جي شفاعت ڪيون.“ پوءِ منهنجي اک کُلي وئي، مان ان خواب کان پوءِ ڊڄي ويس، اَلحَمدُللّٰہ عَزَّوَجَلَّ مون پنهنجي سيني گناهن کان روئي روئي توبهہ ڪئي.

(روض الرياحين ص 173)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فوت ٿيل ٻار ماءُ پيءُ کي جنت ۾ وٺي ويندا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ اسان جي لاءِ عبرت جا بيشمار مدني گل آهن، جن ۾ هڪ مدني گل اهو بہ آهي تہ جنهن جو نابالغ ٻار فوت ٿي وڃي ٿو تہ اهو نقصان ۾ نہ بلڪ فائدي ۾ رهندو آهي جيئن سيّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡغَفَّار جي فوت ٿيل مدني منّي خواب ۾ سندن هدايت جو سبب بڻي ۽ شراب پيئڻ ۽ گهڻا گناهہ ڪرڻ واري کي آسمانِ ولايت جو چمڪندڙ ستارو بڻائي ڇڏيو! فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مسلمان مرد عورت جا ٽي ٻار فوت ٿي وڃن **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رحمت سان انهن ٻنهي کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو. صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪرڻ لڳا: يارَسُول الله

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن ٻه ٻار فوت ٿي ويا هجن ته؟ فرمايائون: ٻه ٻه. وري عرض ڪيائون: جيڪڏهن هڪ ٻار فوت ٿي ويو هجي ته؟ فرمايائون: هڪ ٻه. انهيءَ ڪان پوءِ فرمايائون: انهيءَ پاڪ ذات جو قسم! جنهن جي قبضہ قدرت ۾ منهنجي جان آهي جنهن جو ڪچو (ماءُ جي پيٽان اڻ پورو ڪِري پوندڙ) ٻار فوت ٿئي ۽ اهو انهيءَ تي صبر ڪري ته اهو ٻار پنهنجي ماءُ کي پنهنجي ناڙي[1] جي ذريعي ڇڪيندو جنّت ۾ وٺي ويندو. (مسند امام احمد بن حنبل ج 8 ص 254 حديث 22151)

## پاڻ ۾ ڪِلڻ تي آيت جو نُزول

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار جي بيان ڪيل ايمان افروز حڪايت مان دِل تي اثر ڪرڻ واري جنهن قرآني آيت جو تذڪرو آهي، تفسير **خزائنُ العِرفان** ۾ انهيءَ جو شانِ نُزول هي آهي: اُمُّ الْمؤمنين سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان مروي آهي، نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مبارڪ گهر کان ٻاهر تشريف فرما ٿيا ته مسلمانن کي ڏٺائون ته پاڻ ۾ ڪِلي رهيا آهن. فرمايائون: اوهان ڪِلو ٿا! اڃا تائين اوهان جي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي طرفان اَمان نه آئي ۽ اوهان جي ڪِلڻ تي هيءَ آيت نازل ٿي. انهن عرض ڪيو، يَا رَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ان ڪِل جو ڪفّارو ڇا آهي؟ فرمايائون: ايترو ئي روئڻ.“

(تفسير خزائن العرفان، پ 27، الحديد، تحت آيت 16 ص 649)

---

1 يعني اهو آنڊو جيڪو ماءُ جي ٻچي داني مان ٻار جي پيٽ سان ڳنڍيل هوندو آهي ۽ جنهن کي پيدائش وقت ڪٽيو ويندو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

نَدامت سے گناہوں کا اِزالہ کچھ تو ہوجاتا
ہمیں رونا بھی تو آتا نہیں ہائے نَدامت سے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بانسريءَ مان آيت جو آواز گونجڻ لڳو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي اها آيت سڀ کان سٺي نيڪ بڻجڻ جو بهترين مدني نسخو آهي. انهيءَ ضمن ۾ هڪ ٻي ايمان افروز حڪايت ٻڌو، هن آيت سڳوريءَ کي ٻُڌي نہ ڄاڻ ڪيترن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. حضرت سيّدُنا عبدالله بن مبارڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ منهنجي جواني جا ڏينهن هئا، پنهنجن دوستن سان گڏ سير ڪندي هڪ باغ ۾ پهتس، مون کي بانسري وڄائڻ جو ڏاڍو شوق هو، رات جو جيئن ئي بانسري وڄائڻ لاءِ کنيم، تہ بانسري مان اها ئي آيت گونجڻ لڳي:

اَلَمْ يَاْنِ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ (پ۲۷، الحديد:۱٦)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ڇا ايمان وارن جي واسطي اڃان اهو وقت نہ آيو جو انهن جون دليون جُهڪي وڃن الله جي ياد (واسطي)

آيت ٻڌي منهنجي دل تي ڏاڍو اثر ٿيو، مون بانسري کي ڀڃي ڇڏيو ۽ گناهن کان سچيءَ دل سان توبہ ڪئي ۽ واعدو ڪيو تہ اهڙو ڪوبہ ڪم نہ ڪندس جيڪو مون کي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ کان پري ڪري. (شعب الايمان ج 5 ص 468 رقم 7317)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

# نابين جون اکيون روشن ٿي ويون

ڏنو اوهان! اها آيت سڳوري حضرت سيّدُنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هدايت جو ذريعو بڻجي وئي ۽ پاڻ ولايت جي وڏي منصب تي فائز ٿي ويا. هڪ ڀيري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪٿي وڃي رهيا هئا ته هڪڙو نابين ڪين مليو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي فرمايو ته ٻڌايو اوهان کي ڇا کپي؟ ان عرض ڪيو: اکيون کپن. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان وقت ئي دعا جي لاءِ هٿ کنيا، **الله** عَزَّوَجَلَّ **ان نابين شخص جي اکين کي روشن ڪري ڇڏيو.** (تذڪرة الاولياء ج 1 ص 167)

# ڏاڙيل کي هدايت ڪيئن ملي

حضرت سيّدُنا اسماعيل حقي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: ”سيدنا فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نيڪ بڻجڻ جو سبب به اها ئي آيت بڻي، پاڻ پنهنجي دؤر جا مشهور ڏاڙيل هئا. ڪنهن عورت جي عشق ۾ ڦاٿل هئا، اها به بدڪاري جي لاءِ تيار ٿي وئي، جڏهن مقرر ڪيل وقت تي ويا ته ڪٿان ڪان ان ئي آيت اَلَمْ يَاْنِ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ (**ترجمو ڪنزالايمان:** ڇا ايمان وارن جي واسطي اجان اهو وقت نه آيو جو انهن جون دليون جُهڪي وڃن **الله** جي ياد (واسطي)) (پ 27 الحديد 16) جي تلاوت جو آواز اچي رهيو هو، دل جي دنيا بدلجي وئي، اتان ڪان روئيندي موٽيا ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪان روئي پنهنجن گناهن جي مُعافي گهرڻ لڳا، نيڪين ۾ دل لڳايائون. مڪي شريف ۾ گهڻي عرصي تائين عبادت ڪيائون ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي مقبول اولياء ۾ شامل ٿي ويا.

(روح البيان ج 9 ص 365)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پٽ جي موت تي مُرڪڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مشائخن جي عظيم پيشوا "حضرت سيّدُنا فُضيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڪڏهن به ڪنهن مرڪندي نه ڏٺو. جنهن ڏينهن سندن فرزند حضرت سيّدُنا علي بن فضيل رَحِمَهُمَا اللهُ تَعَالٰى وفات ڪئي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مُرڪڻ لڳا. ماڻهن عرض ڪيو: هي ڪهڙو خوشيءَ جو موقعو آهي جو اوهان مرڪي رهيا آهيو! فرمايائون: مان الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تي راضي ٿي مرڪي رهيو آهيان چوته الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا سبب منهنجي پٽ کي موت آيو آهي. جيڪا ربّ عَزَّوَجَلَّ جي پسند سا اسان جي پسند. (تذڪرة الاولياء ج 1 ص 86 ملخصًا)

جے سوہنا مرے دُکھ وِچ راضی
میں سُکھ نوں چُلّھے پاواں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا اوهان نيڪ بڻجڻ چاهيو ٿا؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڇا اوهان واقعي نيڪ بڻجڻ چاهيو ٿا؟ جيڪڏهن ها ته پوءِ ان لاءِ اوهان کي ٿورڙي ڪوشش ڪرڻي پوندي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، ديني طالبِ علم جي لاءِ 92، ديني طالبات جي لاءِ 83، مدني منّن ۽ مدني منّين جي لاءِ 40 جڏهن ته خصوصي اسلامي ڀائرن (يعني گونگن، ٻوڙن) جي لاءِ 27 مدني انعامات آهن. بيشمار اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ طالب علم مدني انعامات جي مطابق عمل ڪري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

روزانو سمهڻ کان پهرين ”فڪرِ مدينه ڪندي“ يعني پنهنجي عملن جو جائزو وٺندي مدني انعامات جي رسالي ۾ ڏنل خانا پريندا آهن. انهن مدني انعامات ڪي اخلاص سان اپنائڻ کان پوءِ نيڪ بنجڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي راهه ۾ رنڊڪ وجهندڙ رڪاوٽون الله تعالٰي جي فضل و ڪرم سان اڪثر ختم ٿي وينديون آهن ۽ انهيءَ جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سنّتن جو پابند بنجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ غور و فڪر ڪرڻ جو ذهن بہ ٺهندو آهي. سيني کي گهرجي تہ باڪردار مسلمان ٺهڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪيو ۽ روزانو فڪر مدينہ (يعني پنهنجو محاسبو) ڪندي انهيءَ ۾ ڏنل خانا پريو ۽ هجري سن جي مطابق هر مدني يعني قمري مهيني جي پهرين ڏهن ڏينهن جي اندر پنهنجي علائقي جي مدني انعامات جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول ٺايو.

تُو ولی اپنا بنا لے اس کو ربِّ لم یَزَل
مَدَنی اِنعامات پر کرتا رہے جو بھی عمل

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## يومِ قفل مدينہ

فُضول ڳالهہ ڪرڻ ۾ گناهہ نہ پر فُضول ڳالهائيندي گناهہ پريل ڳالهين ۾ پوڻ جو سخت انديشو رهندو آهي انهيءَ لاءِ فُضول گوئي کان بچڻ جي عادت وجهڻ لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ هر مهيني جي پهرين سومر شريف (يعني آچر جي مغرب کان سومر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

جي مغرب تائين) ”يومِ قفل مدينه“ ملهائڻ جي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن لاءِ ترغيب آهي، انهيءَ جو لُطف ته اهو ئي سمجهي سگهندو جيڪو هي ڏينهن ملهائيندو آهي. انهيءَ ۾ مڪتبة المدينه جو رسالو ”خاموش شهزادو“ (53 صفحا) هڪ ڀيرو پڙهڻو يا ٻڌڻو آهي، اڪيلا پڙهو يا پاڻ ۾ ٿورو ٿورو پڙهي ٻڌايو، اهڙي طرح خاموشي جو جذبو پيدا ٿيندو. يومِ قفل مدينه ۾ حتي الامڪان ضرورت جي ڳالهه به اشاري سان يا لکي ڪري ڪيو. باقي جيڪو اشارو وغيره نه سمجهندو هجي يا جتي ڳالهائڻ ضروري هجي اتي زبان سان ڳالهائجي مثال طور سلام ۽ سلام جو جواب، نِڇ تي حمد يا حمد ڪرڻ واري جو جواب، اهڙي طرح نيڪي جي دعوت ڏيڻ وغيره وغيره. جيڪي ماڻهو اشارو ناهن سمجهندا انهن سان ضرورتًا زبان سان ڳالهه ٻولهه ڪيو ۽ هي مدني گل ته سڄي عمر لاءِ قبول فرمايو ته جڏهن به ڪم جي ڳالهه ڪرڻي هجي گهٽ مان گهٽ لفظ ڳالهائجن، ايترو زياده نه ڳالهايو جو مخاطب يعني جنهن سان ڳالهه ڪري رهيا آهيو اهو بيزار ٿي پئي. بهرحال هر ان انداز کان بچو جيڪو تنفيرِ عوام (ماڻهن ۾ نفرت ڦهلجڻ) جو سبب بڻجي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪجهه اسلامي ڀائر اهڙا به آهن جيڪي هر مهيني لڳاتار ٽن ٽن ڏينهن جو ”يومِ قفل مدينه“ ملهائيندا آهن. ڪاش! اسان سڄي زندگي ”يومِ قفل مدينه“ وارا بڻجي وڃون. ڪاش! دل جي مدني گلدستي ۾ سڄي عمر لاءِ هي مدني گل سجائجي وڃي: ”فضول گوئي کان بچو متان گناهه ڀريل ڳالهين جي ڪري جهنم ۾ نه وڃي پئو.“

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

# مدني انعامات تي عمل ڪندڙن لاءِ بشارتِ عظميٰ

مدني انعامات جو رسالو پڙهڻ وارا ڪيتري قدر خوش نصيب آهن، انهيءَ جو اندازو هن مدني بهار مان لڳايو. حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀائر جو ڪجھ هن طرح حلفيہ (قسم سان) بيان آهي تہ رجبُ المُرَجَّب سن 1426 هجري جي هڪ رات مون کي خواب ۾ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي عظيم سعادت حاصل ٿي. چپ مُبارڪ چرپر ڪرڻ لڳا ۽ رحمت جا گل وسڻ لڳا ۽ منا لفظ ڪجھ هن طرح سان مرتب ٿيڻ لڳا: جيڪو هن مهيني روزانو پابندي سان مدني انعامات جي متعلق فڪرِ مدينہ ڪندو **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائيندو.

"مدنی انعامات" کی بھی مرحبا کیا بات ہے
قربِ حق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ٻيو مدني انعام

72 مدني انعامات ۾ اسلامي ڀائرن جي لاءِ ٻيو مدني انعام هي آهي تہ "ڇا اوهان روزانو پنج ئي نمازون جماعت سان مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِ اوليٰ سان ادا ڪندا آهيو؟"

**منا منا اسلامي ڀائرو!** رُڳو هن هڪ مدني انعام تي ڪو صحيح معنيٰ ۾ عمل ڪرڻ وارو بڻجي وڃي تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو ٻيڙو پار ٿي ويندو، نماز جي فضائل ڪان ڪير واقف ناهي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

# سيئي صغيره گناهہ معاف

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنزّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو ٻہ رڪعتون نماز پڙهي ۽ انهن ۾ سَهو (يعني غلطي) نہ ڪري تہ جيڪي اڳ ۾ ان کان گناهہ ٿيا آهن **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ اهي مُعاف فرمائي ڇڏي ٿو. (هتي صغيره گناهہ معاف ٿيڻ مُراد آهن)

(مسند امام احمد بن احمد ج 8 ص 62 حديث 21749)

# جماعت جي فضيلت

ڏٺو اوهان! ٻن رڪعتن جي جڏهن اها فضيلت آهي تہ پنجن نمازن جون ڪهڙيون ڪهڙيون بَرڪتون هونديون! هن ”مدني انعام“ ۾ نمازون جماعت سان ادا ڪرڻيون آهن ۽ جماعت جي فضيلت جي تہ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، مسلم شريف ۾ سيّدُنا عبدالله ابن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جماعت سان نماز پڙهڻ اڪيلو پڙهڻ کان 27 درجا وڌيڪ آهي.“ (مسلم شريف ص 326 حديث 650)

# تڪبيرِ اوليٰ جي فضيلت

وڌيڪ هن ”مدني انعام“ ۾ تڪبيرِ اوليٰ جو بہ ذڪر آهي، ان جي فضيلت بہ ٻُڌو ۽ جهومو: **ابن ماجہ** جي روايت ۾ آهي تہ سرڪارِ مدينۂ منوره، سردارِ مڪۂ مڪرمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ ”جيڪو مسجد ۾ جماعت سان چاليهہ راتيون عشاء جي نماز اهڙيءَ طرح پڙهي جو پهرين رڪعت نہ رهجي وڃي، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان لاءِ جهنّم کان آزادي لکي ڇڏيندو آهي.“ (ابن ماجہ ج 1 ص 437 حديث 798)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

**سُبْحٰنَ الله** عَزَّوَجَلَّ **چاليھ راتيون جڏهن عشاء جون چارئي رڪعتون باجماعت تڪبيرِ اوليٰ سان ادا ڪرڻ جي اها فضيلت آهي تہ سالن تائين پنج ئي نمازون جماعت سان ادا ڪرڻ جو ڇا تہ مرتبو هوندو!**

## نماز ۾ حج جو ثواب

**سرڪارِ مدينہ راحتِ قلب و سينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو فرمانِ خوشبودار آهي: "جيڪو وضو ڪري پنهنجي گهر کان فرض نماز لاءِ نِڪتو ان جو ثواب اهڙو آهي جهڙو حج ڪرڻ واري مُحرِم (يعني احرام ٻَڌڻ واري) جو."** (ابو داؤد، حديث 558 ج 1 ص 231)

## ڏينهن ۾ پنج ڀيرا غسل جو مثال

**حضرت سيّدُنا ابوهريره** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ **کان روايت آهي سرڪارِ مدينہ راحتِ قلب و سينہ فيض گنجينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو فرمانِ باقرينہ آهي: "ٻُڌايو، جيڪڏهن ڪنهن جي دروازي تي هڪ نهر هجي جنهن ۾ هو روزانو پنج ڀيرا وهنجي تہ ڇا ان تي ڪجھ مر مٽي رهجي ويندي؟" ماڻهن عرض ڪيو: "ان جي مر مٽي مان ڪجھ بہ باقي نہ رهندو." پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن فرمايو: "پنجن نمازن جو اهڙو ئي مثال آهي، الله تعاليٰ انهن جي سبب خطائن کي مٽائي ڇڏيندو آهي."** (مسلم حديث 667 ص 336)

## جنتي مهماني

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان "مدني انعام" جي مطابق نمازون بہ مسجد ۾ ئي ادا ڪرڻيون آهن ۽ مسجد ۾ وڃڻ سُبْحٰنَ الله** عَزَّوَجَلَّ**! حضرت سيّدُنا ابوهريره** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ **کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

راحتِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو صبح يا شام مسجد ۾ اچي **الله** تعاليٰ ان لاءِ جنّت ۾ هڪ مهماني تيار فرمائيندو.“ (ايضاً حديث 669)

## پهرين صف

پهرين صف جو ذڪر بہ ان ”مدني انعام“ ۾ موجود آهي، سرڪارِ مڪة المُڪَرَّم، سردارِ مدينة المنوره صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪڏهن ماڻهن کي خبر هجي ها تہ اذان ۽ پهرين صف ۾ ڇا آهي تہ ڪُٺا وجهڻ ڪانسواءِ حاصل نہ ڪري سگهن ها تنهنڪري ان لاءِ هو ڪُٺا وجهن ها.“ (مسلم حديث 437 ص 231) هڪ ٻي روايت ۾ آهي: رحمتِ عالم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”**الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا پهرين صف وارن تي درود (يعني رحمت) موڪليندا آهن، صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يا رسول **الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ ٻي صف تي؟ فرمايائون: **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا درود موڪليندا آهن پهرين صف تي، صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ٻيهر عرض ڪيو: يا رسول **الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻي تي بہ؟ فرمايائون: ”ٻي تي بہ“ وڌيڪ ارشاد فرمايائون: ”صفن کي برابر ڪيو ۽ ڪلهن کي هڪ سِڌ ۾ ڪيو، پنهنجن ڀائرن جي هٿن ۾ نرم ٿي وڃو ۽ صف جي خالي جڳهين کي بند ڪيو ڇوتہ شيطان رِڍ جي ٻچي جيان اوهان جي وچ ۾ داخل ٿي ويندو آهي.“ (مسند امام احمد ج 8 رقم الحديث 22326 ص 296)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري وينو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

# ڪهڙو عمل وڌيڪ افضل؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي ٿو ته اوهان مان ڪنهن کي "مدني انعامات" ڏکيا لڳن پر همت نه هارجو، منقول آهي: اَفْضَلُ الْعِبَادَةِ اَحْمَزُهَا يعني "افضل ترين عبادت اها آهي جنهن ۾ گهڻي زحمت (يعني تڪليف) هجي." حضرتِ سيِّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْہِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم فرمائن ٿا: "دنيا ۾ جيڪو عمل جيترو ڏکيو هوندو، قيامت جي ڏينهن عمل جي تارازيءَ ۾ اهو اوتروئي گهڻو وزني هوندو." (تذکرة الاولياء ج 1 ص 95) جڏهن اوهان عمل شروع ڪندؤ ته اهو اوهان جي لاءِ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ سولو ٿي ويندو. غالبًا اوهان کي تجربو هوندو ته سردي وارن ڏينهن ۾ جڏهن اسين وضو ڪرڻ لاءِ ويهندا آهيون ته شروع ۾ سيءَ جي ڪري ڏند ڪڙڪندا آهن پوءِ جڏهن همٿ ڪري وضو شروع ڪندا آهيون ته شروع ۾ ٿڌ گهڻي محسوس ٿيندي آهي ۽ پوءِ هوريان هوريان گهٽ ٿي ويندي آهي، هر ڏکئي ڪم جو اهو ئي اصول آهي. مثال طور ڪنهن کي ڪا موتمار بيماري ٿي پوي ته هو بي چين ٿي ويندو آهي پوءِ آهستي آهستي جڏهن هو عادي ٿي ويندو آهي ته سهڻ جي سگهه به پيدا ٿي ويندي آهي. هڪ اسلامي ڀاءُ عِرقُ النساء (يعني ڪُن رڳ) جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو اها بيماري عام طور تي پير جي پيڏي کان وٺي ران جي مٿئين جوڙ تائين هوندي آهي ڪن کي مهينن تائين ۽ ڪِن کي ته سالن تائين به ناهي ڇڏيندي، هو پريشان ٿي ويو هو. مون عرض ڪيو ته الله عَزَّوَجَلَّ بهتر ڪندو، گهبرايو نه جڏهن اوهان عادي ٿي ويندؤ ته اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

برداشت ڪرڻ آسان ٿي ويندو. ڪجھ عرصي ڪانپوءِ مليو ته منهنجي پُڇڻ تي ان ٻُڌايو، سور ته اهو ئي آهي پر اوهان جي چوڻ مطابق مان عادي ٿي چُڪو آهيان تنهنڪري ڪم هلي ويندو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني انعامات ته اسان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو فرمانبردار ٻڻائڻ ۽ اسان جي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون ڏيارڻ لاءِ آهي. تنهن ڪري شيطان انهيءَ ۾ ڪافي رڪاوٽون پيدا ڪندو پر اوهان همت نه هارجو، بس هي ذهني سوچ هجي ته مون کي انهي "مدني انعامات" تي عمل ڪرڻ ئي گهرجي.

سرورِ دیں! لیجے اپنے ناتوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیّدا کب تک دباتے جائینگے (حدائقِ بخشش شریف)

## مدني ڪم وڌائڻ جو نسخو

جيڪڏهن دعوتِ اسلامي جا ذميدار خاص ڌيان ڏئي هن مدني ڪم لاءِ تيار ٿين ته اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ هر طرف سنّتن جون بهارون اچي وينديون. جيڪڏهن اوهان سيني **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي خاطر دل جي گهراين سان مدني انعامات تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو ته اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ جيئري ئي ۽ جلد ئي ان جون بَرَڪتون ڏسي وٺندؤ، اوهان کي اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ دلي سڪون نصيب ٿيندو باطن جي صفائي ٿيندي. خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چشما اوهان جي دل مان جاري ٿيندا. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي علائقي ۾ دعوت اسلامي جو مدني ڪم حيرت انگيز حد تائين وڌي ويندو. جيئن ته "مدني انعامات" تي عمل **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪرڻ جو ذريعو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

آهي، ان لاءِ شيطان اوهان کي گهڻي سُستي ڏياريندو. مختلف طريقن سان حيلا ۽ بهانا سيکاريندو، اوهان جي دل به نه لڳندي پر اوهان همت نه هارجو اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ دل به لڳي ئي ويندي.

اے رضؔا ہر کام کو اک وَقْت ہے
دل کو بھی آرام ہو ہی جائے گا (حدائقِ بخشش شریف)

## عمل ڪرڻ وارن جا ٽي قسم

حُجَّة الاسلام حضرت سيّدُنا امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا ته حضرت سيّدُنا ابو عثمان مَغْرِبي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى کي سندن هڪ مُريد عرض ڪيو ته يا سيّدي! ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو دلي شوق ڪانسواءِ به منهنجي زبان تي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر جاري رهندو آهي ته پاڻ فرمايائون: ”اهو به ته شڪر جو مقام آهي جو تنهنجي هڪ عضوي يعني زبان کي ته الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ذڪر جي توفيق بخشي آهي.“ جنهن جي دل الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ نٿي لڳي ان کي ڪڏهن ڪڏهن شيطان وسوسا وجهندو آهي ته جڏهن تنهنجي دل الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ نٿي لڳي ته خاموش ٿي وڃ ڇوته ائين ذڪر ڪرڻ بي ادبي آهي. امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: ان وسوسي جي جواب ڏيڻ وارا ٽن قسمن جا ماڻهو آهن پهريون قسم انهن ماڻهن جو آهي جيڪي اهڙي موقعي تي شيطان کي چوندا آهن: ”چڱو ٺيو جو تو توجهه ڏياريو هاڻي مان توکي چيڙائڻ جي لاءِ دل کي به حاضر ڪندس.“ اهڙيءَ طرح شيطان جي ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪجي ويندو آهي. ٻيو قسم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

انهن بيوقوفن جو آهي جيڪي شيطان ڪي چوندا آهن: ”تو صحيح چيو، جڏهن دل ئي حاضر ناهي ته زبان هلائڻ مان ڪهڙو فائدو!“ ۽ اهي ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ڪرڻ کان خاموش ٿي ويندا آهن، اهي نادان سمجهندا آهن ته اسان عقلمنديءَ جو ڪم ڪيو، حالانڪه انهن شيطان کي پنهنجو همدرد سمجهي ڌوڪو کاڌو آهي. ٽيون قسم اهڙن ماڻهن جو آهي جيڪي چوندا آهن ته جيتوڻيڪ اسان دل کي حاضر نه ڪري سگهيا آهيون پر پوءِ به زبان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ مشغول رکڻ خاموش رهڻ کان بهتر آهي، جيتوڻيڪ دل سان **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪرڻ ان طرح جي ذڪر **الله** کان ڪافي بهتر آهي.

(ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 771)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## توبهه جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! دل نه لڳي تڏهن به عمل کي جاري رکڻ ئي اسان جي لاءِ بهتر آهي. بهرحال **نيڪ بڻجڻ جو نسخو** حاضر ڪيو آهي، ان جي مطابق عمل ڪندا رهو. ڪڏهن نه ڪڏهن ته اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ منزل ملي ئي ويندي. مدني انعام نمبر 16 ۾ روزانو ٻه رڪعتون نفل نمازِ توبهه ادا ڪري پنهنجي گناهن کان توبهه ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي. توبهه **الله** عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ ۽ نيڪ بڻجڻ جو بهترين مدني نسخو آهي. مَعاذَ الله! جڏهن به گناهه ٿي وڃي ته انهيءَ وقت ئي توبهه ڪرڻ واجب آهي، توبهه ۾ دير ڪرڻ خود هڪ نئون گناهه آهي. توبهه جي هڪ فضيلت ٻُڌو ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

جهومو! رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ معظم آهي: اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَا ذَنْبَ لَهٗ يعني گناھ کان توبہ ڪرڻ وارو ائين آهي جڻ ان گناھ ڪيو ئي ناهي.

(سنن ابن ماجہ ج 4 ص 491 رقم الحديث 4250)

نيڪ بڻجڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت فرمايو، هر اسلامي ڀاءُ ڪي گهرجي تہ زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ يڪمشت 12 مهينا ۽ هر 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ هر 30 ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن سنّتن جي تربيت جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي ۾ ضرور سفر ڪري.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزمِ هدايت، محبوب ربُّ العِزّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (تاريخ دمشق لابن عساکر ج 9 ص 343)

سينہ تري سنت کا مدينہ بنے آقا
جنت ميں پڑوسي مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلٰي)

# ”تعزيت مبارڪ سنت آهي“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان تعزيت جا 16 مدني گل

۞ **3 فرمانِ مصطفٰي** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جيڪو ڪنهن مصيبت واري جي تعزيت ڪندو ان لاءِ انهيءَ مصيبت واري جيترو ثواب آهي. (ترمذي ج 2، ص 338 حديث 1075) ﴿2﴾ جيڪو مؤمن ڀانهو پنهنجي ڪنهن مصيبت واري ڀاءُ جي تعزيت ڪندو **الله** عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن انهيءَ کي ڪرامت جو وڳو پهرائيندو. (ابن ماجه ج 2، ص 268 حديث 1601) ﴿3﴾ جيڪو ڪنهن غمگين ماڻهو جي عيادت ڪندو **الله** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي تقوٰي جو لباس پهرائيندو ۽ روحن جي وچ ۾ ان جي روح تي رحمت فرمائيندو ۽ جيڪو ڪنهن مصيبت واري ماڻهو سان تعزيت ڪندو **الله** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي جنت جي وڳن مان ٻه اهڙا وڳا پهرائيندو جن جي قيمت (سڄي) دنيا به نٿي ٿي سگهي. (المعجم الاوسط ج 6 ص 429 حديث 9292) ۞ حضرت سيدنا موسٰي **ڪليم الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهِ ربُّ العِزت ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا رب عَزَّوَجَلَّ اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا تنهنجي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندي جنهن ڏينهن ان کان سواءِ ڪا ڇانوَ نه هوندي؟ **الله**عَزَّوَجَلَّ فرمايو: ”اي موسٰي (عَلَيۡهِ السَّلَام)! اهي ماڻهو جيڪي مريضن جي عيادت ڪندا آهن، جنازي سان گڏ ويندا آهن ۽ ڪنهن فوت ٿيل ٻار جي ماءُ سان تعزيت ڪندا آهن“ (تمهيد الفرش للسيوطي ص 62) ۞ تعزيت جي معنٰي آهي: مصيبت واري ماڻهو کي صبر جي تلقين ڪرڻ. ”تعزيت مَسنون (يعني سنت) آهي.“ (بهار شريعت ج 1 ص 852) ۞ دفن کان پهريان به تعزيت جائز آهي،

پر افضل هي آهي تہ دفن ڪان پوءِ ڪجي، هي انهيءَ وقت آهي جو اولياءِ ميت (ميت جا گهر وارا) روئڻ پٽڻ نہ ڪندا هجن، نہ تہ انهن جي تسلي لاءِ دفن ڪان پهريان ئي ڪري. (جوهره ص 141) ۞ تعزيت جو وقت موت ڪان وٺي ٽن ڏينهن تائين آهي انهيءَ ڪان پوءِ مڪروه آهي جو غم تازو ٿيندو پر جڏهن تعزيت ڪرڻ وارو يا جنهن جي تعزيت ڪئي وڃي اتي موجود نہ هجي يا موجود هجي پر انهيءَ کي خبر نہ هجي تہ بعد ۾ حرج ناهي. (ايضاً و ردالمحتار ج 3 ص 177) ۞ (تعزيت ڪرڻ وارو) عاجزي و انڪساري ۽ رنج و غم جو اظهار ڪري، گفتگو گهٽ ڪري ۽ مسڪرائڻ کان بچي جو (اهڙي موقعي تي) مسڪرائڻ (دلين ۾) بغض ۽ ڪينو پيدا ڪندو آهي. (آداب دين ص 35) ۞ مستحب هي آهي تہ ميّت جي سيني عزيزن سان تعزيت ڪري، ننڍي وڏي مرد ۽ عورت سيني سان پر عورت سان ان جا محارم ئي تعزيت ڪن. (بهارِ شريعت ج 1 ص 852) تعزيت ۾ هي چوي: **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان کي صبرِ جميل عطا فرمائي ۽ انهيءَ مصيبت تي اجر عظيم عطا فرمائي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ مرحوم جي مغفرت فرمائي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هنن لفظن سان تعزيت فرمائي: اِنَّ لِلّٰهِ مَا اَخَذَ، وَلَهٗ مَا اَعْطٰى، وَكُلٌّ عِنْدَهٗ بِاَجَلٍ مُسَمًّى، فَلْتَصْبِرْ وَلْتَحْتَسِبْ (ترجمو) خدا جو ئي آهي جيڪو ان ورتو ۽ جيڪو ڏنو ۽ انهيءَ جي نزديڪ هر شيءِ هڪ مقرره وقت تائين آهي انهيءَ لاءِ صبر ڪيو ۽ ثواب جي اميد رکو. (بخاري ج 1 ص 434 حديث 1284)

۞ ميت جي عزيزن جو گهر ۾ ويهڻ تہ ماڻهو انهن جي تعزيت لاءِ اچن انهيءَ ۾ حرج ناهي ۽ گهر جي دروازي تي يا عام رستي تي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

فراسي وڇائي ويهڻ بُري ڳالهه آهي. (عالمگيري ج 1 ص 167، ردالمحتار ج 3 ص 177) ۞ قبر جي ويجهو تعزيت ڪرڻ مڪروهه (تنزيهي) آهي. (در مختار ج 3 ص 177) ڪجهه قومن ۾ وفات کان پوءِ ايندڙ پهرين شبِ براءت يا پهرين عيد جي موقعي تي عزيز ۽ قريب ميت واري جي گهر تعزيت لاءِ گڏ ٿيندا آهن اها رسم غلط آهي. باقي جيڪو ڪنهن سبب جي ڪري تعزيت نه ڪري سگهيو اهو عيد جي ڏينهن تعزيت ڪري ته حرج ناهي. اهڙي طرح پهرين عيدالاضحيٰ تي جن ميت جي گهر وارن تي قرباني واجب ناهي هوندي انهن کي قرباني ڪرڻي پوندي نه ته گنهگار ٿيندا. هي به ياد رکو ته سوڳ جا ڏينهن گذرڻ باوجود عيد اچڻ تي ميت جو سوڳ (غم) ڪرڻ يا سوڳ جي سبب عمدو لباس وغيره نه پائڻ ناجائز ۽ گناهه آهي. البت ائين ئي ڪو عمدو لباس نه پائي ته ڪو گناهه ناهي ۞ جيڪو هڪ ڀيرو تعزيت ڪري آيو انهيءَ لاءِ وري ٻيهر تعزيت ڪرڻ مڪروهه آهي. (در مختار ج 3 ص 177) ۞ جيڪڏهن تعزيت لاءِ عورتون گڏ ٿين ۽ نوحو ڪن ته انهن کي کاڌو نه ڏنو وڃي جو گناهه تي مدد ڪرڻ آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 853) ۞ نوحو، پار ڪڍي يعني ميت جا اوصاف مبالغي سان گڏ (يعني وڏائي خوبيون) بيان ڪري آواز سان روئڻ جنهن کي "بين" چوندا آهن بالاجماع حرام آهي. ائين واويلا وامصيبتا (يعني هاءِ مصيبت) چئي دانهون ڪرڻ (ايضاً ص 854) ۞ اَطِبّاء (يعني طبيب) چوندا آهن ته (جيڪو پنهنجي عزيز جي موت تي سخت صدمي ۾ مبتلا ٿئي ان کي) ميت تي نه روئڻ سان سخت بيماري ٿيندي آهي، ڳوڙهن وهڻ سان دل جي گرمي نڪري ويندي آهي، انهيءَ لاءِ (بغير نوحي) روئڻ کان هرگز منع

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

نہ ڪيو وڃي. (مرأة المناجيح ج 2 ص 501) ۞ **مُفَسّرِ شهير حڪيمُ الاُمَّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان **فرمائن ٿا: تعزيت جا اهڙا پيارا لفظ هئڻ گهرجن جنهن سان ان غمگين کي تسلي ٿئي. فقير جو تجربو آهي تہ جيڪڏهن انهيءَ موقعي تي غمزدن کي ڪربلا جا واقعا ياد ڏياريا وڃن تہ گهڻي تسلي ٿيندي آهي. تمام تعزيتون ئي بهتر آهن پر ٻار جي وفات تي** (محارم جو انهيءَ جي) **ماءُ کي تسلي ڏيڻ وڏو ثواب آهي.** (ملخص از مرأة المناجيح ج 2 ص 507)

## ايصالِ ثواب جي لاءِ "اِجتماعِ ذِڪرو نعت"

**دعوتِ اسلامي جي سيني ذميدارن جي خدمت ۾ مدني اِلتجا آهي تہ اوهان وٽ ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي مرض يا مصيبت** (مثلاً ٻار بيمار ٿيڻ، نوڪري کسجڻ، چوري يا ڌاڙو لڳڻ، اسڪوٽر يا موبائل فون کسجي وڃڻ، حادثو پيش اچڻ، ڪاروبار ۾ نقصان ٿي وڃڻ، عمارت ڪِري پَوڻ، باھ لڳي وڃڻ، ڪنهن جي فوتگي ٿي وڃڻ وغيره ڪو بہ صدمو) **پهچي تہ ثواب جي نيّت سان اُن ڏکايل جي دلجوئي ڪري عظيم ثواب جا حقدار بڻجو، ڇوتہ فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **آهي: "بيشڪ الله تعاليٰ جي بارگاھ ۾ فرضن کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل هي آهي تہ مسلمان کي خوش ڪري."** (المعجم الڪبير ج 11 ص 59 حديث 11079) **انتقال ٿيڻ تي ٿي سگهي تہ هڪدم ميّت جي گهر وغيره حاضري ڏيو، ممڪن صورت ۾ ميّت جي غسل، جنازي جي نماز بلڪ تدفين ۾ بہ حصو وٺو. مالدارن ۽ دنياوي نالي وارن جي دلجوئي ڪرڻ وارن جو عام طور تي چڱو خاصو تعداد هوندو آهي، پر ويچارن غريبن جو حال پڇڻ وارو ڪير آهي؟ بيشڪ سُنين**

سُنين نيّتن سان اوهان دولتمندن جي تعزيت فرمايو پر غريبن کي بہ نظر انداز نہ ڪريو، انهن "شخصيتن" سان گڏوگڏ خاص طور تي اوهان جي ماتحت جنهن غريب اسلامي ڀاءُ وٽ ميّت ٿي وڃي، ان کي رشتيدارن وغيره کي جمع ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ان جي گهر تي وڌ کان وڌ 92 منٽن جو "اجتماعِ ذِڪر و نعت" رکو، جيڪڏهن سيني تائين آواز پهچندو هجي تہ پوءِ بِنا ضرورت "سائونڊ سسٽم" لڳائڻ جي معاملي ۾ خدا کان ڊڄو، حيثيت مطابق لنگرِ رسائل جو ضرور ذهن ڏيو، پر ڪاڌي جو اهتمام هرگز نہ ٽيڻ ڏيو (مسئلو: ٽِيجهي جي ماني اميرن جي لاءِ جائز ناهي، صرف غريب ۽ مسڪين کائن، ٽن ڏينهن کان پوءِ بہ ميّت جي ماني کان اميرن (يعني جيڪي فقير نہ هجن انهن) کي بچڻ گهرجي) جيڪو وقت مقرر ٿئي ان جي پابندي ڪريو. "نماز عشاءِ کان پوءِ ٿيندو" چوڻ جي بدران گهڙي مطابق وقت طئي ڪريو ۽ مثلاً رات 9 وڳي جو طئي ٿيو آهي تہ ماڻهن جو انتظار ڪرڻ جي بغير نيڪ وقت تي تلاوت سان شروعات ڪري ڇڏيو، پوءِ نعت شريف (وقت 25 منٽ) سنّتن ڀريو بيان (وقت 40 منٽ) ۽ آخر ۾ ذڪرُالله عَزَّوَجَلَّ (وقت 5 منٽ) رِقّت انگيز دعا (وقت 12 منٽ) ۽ صلوٰة و سلام (ٽي شعر) مع اختتامي دعا (وقت 3 منٽ) علائقي جا تمام ذميدار، مُبلغ ممڪن صورت ۾ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جا رڪن ۽ ٻين اسلامي ڀائرن جي شرڪت يقيني بڻايو، ۽ ڪوشش ڪري ايصالِ ثواب جي لاءِ اُتان کان هٿو هٿ مدني قافلا سفر ڪرايو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارشريعت" حصو 16 ۽ (2)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو　　ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | سيئي صغيره گناهه معاف | 12 |
| وڏو نانگ | 1 | جماعت جي فضيلت | 12 |
| فوت ٿيل ٻارماءُ پيءُ کي جنت ۾ وٺي ويندا | 4 | تڪبيرِ اوليٰ جي فضيلت | 12 |
| پاڻ ۾ ڪِلڻ تي آيت جو نُزول | 5 | نماز ۾ حج جو ثواب | 13 |
| بانسريءَ مان آيت جو آواز گونجڻ لڳو | 6 | ڏينهن ۾ پنج ڀيرا غسل جو مثال | 13 |
| نابين جون اکيون روشن ٿي ويون | 7 | جنتي مهماني | 13 |
| ڏاڙيل کي هدايت ڪيئن ملي | 7 | ڀرين صف | 14 |
| پٽ جي موت تي مرڪڻ | 8 | ڪهڙو عمل وڌيڪ افضل؟ | 15 |
| ڇا اوهان نيڪ بڻجڻ چاهيو ٿا؟ | 8 | مدني ڪم وڌائڻ جو نسخو | 16 |
| يومِ قفل مدينه | 9 | عمل ڪرڻ وارن جا ٽي قسم | 17 |
| مدني انعامات تي عمل ڪندڙن لاءِ | 11 | توبه جي فضيلت | 18 |
| بشارتِ عظميٰ | | تعزيت جا 16 مدني گل | 20 |
| پيو مدني انعام | 11 | ايصالِ ثواب جي لاءِ ”اِجتماعِ ذِڪر و نعت“ | 23 |


## ماخذ و مراجع


| ڪتاب | مطبوعه | ڪتاب | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| كنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي | ابن عساكر | دارالفكر بيروت |
| روح البيان | داراحياء التراث العربی بيروت | تمهيد الفرش | المكتب الاسلامي بيروت |
| صحيح بخاری | دار الكتب العلمية بيروت | مقاصد حسنه | دارالكتاب العربی بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | القول البديع | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن ترمذی | دارالفكر بيروت | روض الرياحين | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن ابو داود | داراحياء التراث العربی بيروت | تذكرة الاولياء | انتشارات گنجينه تهران |
| ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | كيمياءِ سعادت | انتشارات گنجينه تهران |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | ردالمحتار | دار الكتب العلمية بيروت |
| معجم كبير | داراحياء التراث العربی بيروت | جوهرة | دار الكتب العلمية بيروت |
| معجم اوسط | دار الكتب العلمية بيروت | مراة المناجيح | ضياءالقرآن پبليكيشنز لاهور |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | آداب دين | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي |

